برڪت علي ڏاهري

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو سنڌ جي تاريخ تي ڪيل ڪم جو تحقيقي جائزو

## CONTRIBUTION OF DR. N. A. BALOCH IN THE FIELD OF HISTORY

*Dr. Nabi Bakhsh Khan Baloch (Pen name: Dr. N. A. Baloch) was a man with the curiosity of an explorer and the aptitude of a scholar.*

*He was a versatile and erudite writer, having mastery over Sindhi, Urdu, Arabic, Persion and English.*

*He was a born researcher who devoted his life to uncovering every stone as it were, of Sindh to reveal the life underneath.*

*He has helped Sindh make monumental leaps in its knowledge about itself. There is no corner of Sindh's History, folklore, culture, geography and anthropology that has escaped his research.*

*He contributed several books and research articles on the History, Folklore, Linguistics, Literature, Education, Civilization & Culture of Sindh.*

*This article aims to capture at least some glimpses of his intellectual achievements particularly in the field of Sindh's History and Historiography.*

**ڊاڪٽر** نبي بخش خان بلوچ گھڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو. پاڻ هڪ ئي وقت سنڌي، اردو، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ ترجمو ڪيائين. ان کان سواءِ تاريخ، لوڪ ادب، ٻولي، ادب، تعليم، سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب تي سندس سوين مضمون ۽ مقالا آهن. جيڪي مختلف رسالن ۽ تحقيقي جرنلن ۾ ڇپجي چڪا آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پي. ايڇ. ڊي (1949ع) ڪرڻ کان پوءِ ڪيترن ئي





اهم علمي، ادبي ۽ سرڪاري ادارن ۾ اهم عهدن تي رهي پاڻ ملهايو ۽ ادارن جي جوڙجڪ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. پاڻ جتي به رهيو، سخت محنت ڪري ادارن کي نه رڳو بلنديءَ تائين رسايو، پر ڪيترن ننڍن ادارن کي وڏن ادارن جي شڪل ۾ تبديل ڪيو، ان کان سواءِ نوان ادارا پڻ تشڪيل ڏنائين.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، گھڻ رُخي شخصيت جو مالڪ هو، جنهن علم ۽ ادب ۾ مختلف موضوعن تي تحقيقي ۽ بنيادي ڪم ڪيو آهي، پر هِتي سندس ڪيل ڪم جي ٻين رخن کان هٽي ڪري فقط سندس تاريخ تي ڪيل ڪم جو تحقيقي جائزو پيش ڪجي ٿو.

ڊاڪٽر بلوچ کان اڳ ڪيترائي تاريخ نويس ٿي گذريا آهن، جن پاڻ ملهايو آهي، تن ۾ مرزا قليچ بيگ، پير حسام الدين راشدي، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ رحيم داد مولائي شيدائي اهم نالا آهن، پر ڊاڪٽر بلوچ جو ڪم عليحدو ۽ انوکو آهي. سنڌ جي تاريخ جي تحقيق، تدوين، ترتيب، ڇنڊڇاڻ ۽ سنوار بابت سندس باڪمال ڪم ڪيل آهي. سنڌ جي تاريخ جي مختلف پهلوئن بابت ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيقي مقالن جو بلند معيار ۽ مرتبو آهي، جنهن جو مثال، ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ انسٽيٽيوٽ پاران، سندس تازو ڇپرايل ڪتاب، 'ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا' (تاريخ) مان پڻ بخوبي لڳائي سگھجي ٿو. سنڌ جي تاريخ جي ڪيترن ئي بنيادي ۽ اهم ماخذن بابت سندس پورهيو، تحقيق، حاشيا ۽ تعليقات، واقعن ۽ ماڳن بابت تحقيق بي مثال آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب تاريخ تي ڪيل پنهنجي تحقيق ۾ نه صرف ڪيترائي سوال اٿاريا، بلڪ ڪيترن ئي هنڌن تي ۽ ڪيترن ئي نڪتن تي هُن اعتراض اُٿاري، ڄڻ سنڌ جي تاريخ جي ٻيڻل پاٽيءَ ۾ پٿر اڇلايا ۽ انهيءَ مان اٿندڙ لهرن ڪيترن ئي مؤرخن ۽ محققن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو.

اهڙيءَ ريت تاريخ نويسيءَ سان دلچسپيءَ جو اندازو سندس طالب علميءَ واري عرصي کان لڳائي سگھجي ٿو، جڏهن پاڻ علي ڳڙھ يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو، تڏهن علامه عبدالعزيز ميمڻ جي رهنمائيءَ ۾ 'محمد بن قاسم جي فتح سنڌ' جي عنوان هيٺ مقالو لکيائين، جيڪو حيدرآباد دکن (هندستان) جي ان وقت جي مشهور علمي ۽ تحقيقي رسالي 'Islamic Culture' ۾ شايع ٿيو، جيڪو سندس اوائلي تحقيقي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لکڻين ۾ ليکيو وڃي ٿو. جنهن کان پوءِ هيو مقالو، ڪولمبيا يونيورسٽي (1947-1949ع) ۾ پڙهڻ دوران، انگريزي زبان ۾ 'Political Influence of Persian in Sindh Pre-Islamic Times' جي موضوع تحت لکيو، جيڪو ان وقت سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي ۾ ڇپيو ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جي Vol: VIII No. 3 ۾ جنوري 1948ع ۾ ڇپيو.

ان کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ قائم ٿيو، جنهن جي پهرين گڏجاڻي (20 آڪٽوبر 1951ع) ۾ سنڌ جي تاريخ جي ٽن مکيہ فارسي ماخذن (1) فتحنامہ سنڌ عرف چچنامو(2) تاريخ معصومي ۽ (3) تحفة الڪرام، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جن جي ترجمي جو ڪم اوريئنٽل ڪاليج حيدرآباد جي پرنسپال مخدوم امير احمد جي حوالي ڪيو ويو ۽ هن اسڪيم جي نگراني ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي حوالي ڪئي ويئي.

ٻنهي عالمن هن اهم ڪم کي قومي خدمت سمجهي مختصر عرصي ۾ اڪلايو، جنهن کان پوءِ ڇپائيءَ جو سلسلو شروع ٿيو. تاريخ معصومي 1953ع ۾، فتح نامہ سنڌ (چچنامہ) 1954ع ۾ جڏهن تہ تحفة الڪرام 1957ع ۾ تعليقات، حاشين ۽ جديد ترتيب سان ڇپجي پڌرا ٿيا. (1)

ساڳئي عرصي دوران 1955ع ڌاري پاڻ بورڊ اڳيان لوڪ ادب کي سهيڙڻ جي جامع رٿ رکي، جيڪا 1956ع ۾ منظور ڪئي وئي، جنهن جي سهيڙ جو آغاز پاڻ 1957ع ۾ ڪيائين، جنهن لاءِ تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ۽ مرڪزي آفيس سنڌ يونيورسٽي ۾ قائم ڪئي وئي. (2)

اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جنهن کي لوڪ ادب ۾ دلچسپي، ننڍپڻ ۾ ئي سندس ناني علڻ خان لغاري ڏياري هئي، ۽ سندس جاکوڙي ساٿين، جن ۾: سيد سردار علي شاهہ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، مخدوم غلام احمد، عبدالڪريم سنڌيلو، محمد اسماعيل شيخ ۽ رشيد احمد لاشاري ۽ ٻيا ساٿي شامل هئا، انهن بغير ڪنهن لوڀ ۽ اڻ ٿڪ محنت جي نتيجي ۾ لوڪ ادب جهڙو سگهنڌي خزانو عام توڙي خاص لوڪ اڳيان ظاهر ڪيو. جن ۾ پهريون جلد 'مداحون ۽ مناجاتون' سن 1959ع ڌاري ڇپجي پڌرو ٿيو. جنهن کان پوءِ مرحليوار لوڪ ادب جي مختلف اهم صنفن جا





لڳ ڀڳ 42 جلد شايع ٿيا. لوڪ ادب جي صنفن سان گڏوگڏ سنڌ جي تاريخ نويسيءَ تي ٿيل ڪم، جيڪو پهريان عربي، فارسي ۽ ٻين ڌارين ٻولين ۾ لکيل هو، اهو سنڌيءَ ۾ پڻ محفوظ ٿيو. سنڌ ۾ سنڌ جي تاريخ، عرب دؤر (711ع) ۾ گهڻي ڀاڱي عربيءَ ۾ قلمبند ڪئي وئي، جڏهن تہ فارسيءَ ۾ سومرا دور کان شروع ڪئي وئي، جو تہ سنڌ ۾ فارسي ادب ۽ علم جا پڪا پختا ثبوت سومرن جي دور کان ملن ٿا. مٿين ٻنهي ٻولين ۾ سنڌ جي تاريخ جا ڪيترائي ناياب نسخا ملن ٿا، جن مان اڳتي هلي ڪجھ شايع ٿيا، ڪجھ قلمي نسخا ئي رهيا، ۽ آهستي آهستي ختم ٿيندا ويا. انهن باقي بچيل ڪتابن مان فقط اهو خاص طبقو مستفيد ٿيندو رهيو، جيڪو فارسي ٻوليءَ جو ڄاڻو هو، باقي عام لوڪ، جيڪو فارسي نہ ڄاڻندو هو، اهو سنڌ جي تاريخ کان بلڪل ئي اڻ واقف هو. آخرڪار ان ڄاڻ کي وسيع بنائڻ ۽ عام ماڻهن جي پڙهڻ لائق بنائڻ لاءِ، 1951ع ڌاري سنڌي ادبي بورڊ جي قائم ٿيڻ سان انهن سڀني فارسي ڪتابن کي ترجمي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ انهن جي تحقيق، تدوين، ترتيب، ڇنڊڇاڻ ۽ سنوار جو ڪم شروع ڪيو ويو ۽ سنڌ جي تاريخ جا ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا ويا.

ڊاڪٽر صاحب جي ڪيل تحقيقي ڪم کي تحقيقي ۽ تنقيدي نگاهہ سان ڏسبو تہ هڪ اهو ۽ بنيادي نڪتو سامهون ايندو، جيڪو هر وڏي اسڪالر جي خوبي هوندو آهي، سو اِهو تہ ڊاڪٽر صاحب بہ پنهنجي تحقيق ۽ تنقيد جي بُنياد تي جيڪي بہ سوال اٿاريا ۽ اعتراض واريا، اُهي سوال ۽ اعتراض ڄڻ نون ۽ ايندڙ محققن لاءِ هڪ دريءَ جي حيثيت رکن ٿا. جنهن ۾ نون خيالن ۽ سوچن جي تازي هوا نہ صرف انهن کي معطر ٿي ڪري، بلڪ ڊاڪٽر صاحب جا خيال، رايا ۽ نتيجا، انهن اسڪالرن کي اجا بہ اڳتي وڌڻ، ۽ انهيءَ دري مان لنگهي ڪري خيالن ۽ سوچن جي هڪ خوبصورت باغ ۾ تا آٽي بيهارين، جنهن جي سامهون تحقيق ڪرڻ جون ڪيتريون ئي راهون ٿيون نڪرن ۽ اُهو نئون محقق سنڌ جي تاريخ تي ڪيتري ئي تحقيق ڪري سگهي ٿو، جيڪا هڪ صحتمند سرگرمي ۽ سوچ آهي ۽ اِهو عمل هڪ ڏينهن سنڌ جي تاريخ جي ڪيترن ئي مبهم، لڪيل ۽ مشڪوڪ گوشن کي سِڌو ڪري بيهاريندو.

ان ريت بلوچ صاحب جي اڻ ٿڪ محنت جو سلسلو شروع ٿيو ۽ سندس نالو 20 صديءَ جي وڏن مؤرخن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. هتي سندس ڪجھ تاريخي ڪتابن جو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ذڪر ڪجي ٿو.

## فتح نامہ سنڌ عرف چچنامو:

سنڌ جي تاريخ جو هي ڪتاب 'چچنامو' جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جو اصل نالو فتح نامہ سنڌ هو. هن ڪتاب ۾ نہ رڳو سنڌ، پر هند-پاڪ جي سڀ کان پهرين ۽ پراڻي تاريخ سمايل آهي. جيڪا هن علائقي ۾ اسلام جي اچڻ کان اڳ جي حالتن ۽ ان کان پوءِ مسلمانن جي اوائلي فتحن جو لاڳيتو تفصيل پيش ڪري ٿي. هن ئي ڪتاب جي لکجڻ سان سنڌ جي تاريخ نويسيءَ جو آغاز ٿيو ۽ پوءِ هر دور جي مؤرخن 'چچ نامو' کي ڏسڻ ضروري سمجهيو. هي سلسلو مير معصوم بکريءَ کان هلي خداداد خان تائين وڃي پهتو. هيءَ تاريخ ٽين صدي هجريءَ جي پوئين اڌ صديءَ واري عرصي دوران عربيءَ ۾ لکي وئي، جيڪا ستين صدي هجريءَ جي ٻي ڏهاڪي ۾، بکر سنڌ جي قاضين وٽ موجود عربي نسخي تان علي بن حامد ڪوفيءَ ان جو فارسي ترجمو ڪيو، جنهن کان پوءِ انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ان جا مختصر ۽ مڪمل ترجما ٿيا.

فارسي متن کي اول شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي درست ڪيو، جيڪو حيدرآباد دکن جي مجلس – مخطوطات فارسيہ پاران 1939ع ۾ ڇپرو ڪيو ويو. انگريزيءَ ۾ سڀ کان پهرين 1838ع ۾ ليفٽيننٽ پوسٽنس 'چچنامو' جو مختصر ترجمو شايع ڪرايو، جنهن کان پوءِ 1900ع ۾ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ان جو مڪمل انگريزي ترجمو شايع ڪرايو. (3)

سنڌي ترجمو اول ميرن جي دور ۾ ڪيو ويو ۽ پوءِ وري 1932ع ۾ مرزا قليچ بيگ بہ سنڌي ترجمو ڪيو، پر اهي ترجما جيئن تہ صحت ۽ تحقيقي حوالي سان بهتر نہ هئا، تنهن ڪري 'سنڌي ادبي بورڊ' سنڌ جي بنيادي تاريخي ڪتابن جي اشاعت واريءَ اسڪيم هيٺ، سنڌيءَ ۾ هڪ مڪمل ۽ مستند نسخو تيار ڪرائڻ جو ارادو ڪيو. ان طرح 'چچنامي' جو معتبر نسخو مخدوم امير احمد کان ترجمو ڪرائي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ 1954ع ۾ شايع ڪيو ويو، جنهن کي ڊاڪٽر بلوچ نہ رڳو علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جي حواشين ۽ تعليقات کي اڳتي وڌائي مهارت سان سُوڌيو سنواريو، گڏوگڏ تقريباً ٻہ سال محنت ڪري متن جون





سموريون غلطيون سڌاري شرحن ۽ حاشين سان سنواريو.

اهڙيءَ طرح ڪتاب جي مقدمي ۾ هن ڪتاب جي اصليت توڙي هن سنڌي ايڊيشن جي اهميت تي وڌيڪ تفصيلي روشني وجهڻ سان گڏوگڏ 'فتحنامہ' جو اصل فارسي متن، جيڪو صرف 248 صفحن تي مُشتمل هو، اُن جي ضخامت وڌائي 600 صفحن کان بہ مٿي ڪئي وئي، جنهن مان ڊاڪٽر بلوچ جي ادب ۽ تاريخ سان دلي لڳاءُ ۽ تحقيق ۾ اونهائي ۽ جفاڪشي ظاهر ٿئي ٿي.

موجوده ڇاپي جي خاص خوبي، جيڪا ڊاڪٽر بلوچ جي ڪاوش ۽ محنت جو نتيجو آهي، سو انگريزيءَ ۾ 18 صفحن جي مقدمي سميت، 158 صفحن تي مشتمل تاريخي ۽ وضاحتي حاشيا ڏنا ويا آهن. ان کان سواءِ مختصر مقدمو فارسي زبان ۾ پڻ لکيو ويو آهي. ان طرح نہ رڳو ڊاڪٽر بلوچ جي ڪيل جاکوڙ ۽ محنت ثابت ٿئي ٿي، پر سنڌ جي تاريخ تي نئين نظر ۽ نگاهہ پڻ سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان تمام اهم آهي.

ڪتاب جو انتساب ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ۽ پروفيسر عبدالعزيز ميمڻ صاحب جي نالي ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ مرتب ڪتاب جي تفصيلي ۽ تنقيدي اڀياس کان پوءِ ڪي نتيجا پڻ ڪڍيا آهن:

I. سنڌ جي عرب فاتحن جو 'چچنامو' هڪ مفصل تحرير ۽ ريڪارڊ آهي، جيڪو ٻئي ڪنهن ڪتاب ۾ گهٽ موجود ملي ٿو.

II. سنڌ جي فتح لاءِ گهڻو اڳ تياري ڪيل هئي ۽ جنگي حڪمت عمليءَ جي (Strategy) خيال کان بہ خاص رِٿ رٿي وئي هئي.

III. اسلام کان اڳ سنڌ جي پاڙيسري رياستن: ڪشمير، جيسلمير، قنوج، ڪنيات ۽ گجرات سان سنڌ جي لاڳاپن جي خبر بہ هن ڪتاب مان ملي ٿي.

فتحنامي جو هي سنڌي ايڊيشن، هن ڪتاب کان اڳ ڇپيل ترجمن توڙي فارسي متن کان عام پڙهندڙن، محققن ۽ مؤرخن لاءِ نهايت لاڀائتو ثابت ٿيو آهي.

## تاريخ معصومي:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

10- آڪٽوبر 1952ع ۾ سنڌي ادب بورڊ جي ٺهراءَ موجب 'تاريخ معصومي' کي فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ مخدوم امير احمد (پرنسپال، اوريئنٽل ڪاليج حيدرآباد سنڌ) جي نگرانيءَ ۾ اِها ذميواري ڊاڪٽر بلوچ جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. انهيءَ لحاظ سان هي ڪم جنوري 1952ع ڌاري مخدوم صاحب جي حوالي ڪيو ويو، جنهن ڊاڪٽر بلوچ جي مشورن ۽ هدايتن مطابق ڪم شروع ڪيو ۽ مئي 1953ع ڌاري ادبي بورڊ ڇاپي، پڙهندڙن آڏو آندو.

واضح رهي ته تاريخ معصومي جا هن کان اڳ به ٻه ترجما ٿي چڪا آهن، پر اهي اوائلي ترجما، تاريخ معصومي جي ڪنهن هڪ اڌ قلمي نسخي کي آڏو رکي ڪيا ويا هئا، جنهن ڪري صحت جي خيال کان ناقص هئا. هي سنڌي ترجمو تاريخ معصومي جي جملي ڇپيل خواهه اڻ ڇپيل نسخن ۾ گهڻي اهميت رکي ٿو، ڇوته ڊاڪٽر دائود پوٽي جي گهڻي ڪوشش هوندي به، ڪي ڪي لفظ يا جملا اهڙا رهجي ويا آهن، جيڪي غلط پئي محسوس ڪيا ويا. سنڌي ترجمي ۾ انهن کي درست ڪري ترجمو ڪيو ويو آهي ۽ حاشيي ۾ اهڙو اشارو پڻ ڪيو ويو آهي.

ان کان سواءِ هن سنڌي ترجمي ۾ ڪي خاص اضافا پڻ ڪيا ويا آهن، جن ۾ مير معصوم جي سوانح حيات ۽ ڪن اهم معلومات جو اضافو ڪيو ويو آهي. انڙپور واري محاصري وقت مرزا عبدالرحيم خان خانان جي مرزا جاني بيگ ڏانهن لکيل خط جو ترجمو ڏنو ويو آهي (هي خط برٽش ميوزيم ۾ پيل تاريخي معصوميءَ جي هڪ قلمي نسخي جي حاشيي تي قلمبند ٿيل آهي، جيڪو اڄ به محفوظ آهي)، جنهن جو سنڌي ترجمو پڻ تاريخي نقطہ نظر کان اهم اضافو آهي. ان کان سواءِ ڪتاب جي متن جي پويان ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ڏنل اصلي حاشين ۾ اضافو ڪيو ويو آهي. ڪن اصلي حاشين تي نئين سر روشني وڌي وئي آهي ته ڪي حاشيا نئين سر پڻ شامل ڪيا ويا آهن.

ان کان سواءِ فارسي متن جي ڪن ڏکين عبارتن ۽ لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب کي سولي سنڌيءَ ۾ ادا ڪرڻ جي پڻ ڪافي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ ضروري جاين تي حاشين ذريعي ڪن ڏکين لفظن جي لغوي معنيٰ پڻ ڏني وئي آهي.

متن ۾ آيل فارسي شعرن جو ترجمو پڻ اصلي صورت ۾ قائم رکي، ڏنگين ۾





ان جو ترجمو سنڌي نظم ۾ ڏنو ويو آهي. هن تاريخي ماخذ جي پهرئين ڀاڱي ۾ عرب فاتحن کان وٺي بنو اميه، بنو عباسي ۽ هندستاني حاڪمن تائين جو تذڪرو ڪيو ويو آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ سومرا ۽ سما دؤر جو ذڪر آهي. ٽئين ڀاڱي ۾ ارغون دؤر ۽ چوٿين ڀاڱي ۾ شهنشاهه اڪبر جو دؤر شامل آهي، جيڪو مير معصوم جو خود پنهنجو دور آهي. (4)

## تاريخ تحفة الڪرام:

'تاريخ تحفة الڪرام'، 18هين صديءَ جي سنڌ جي مؤرخ، مير علي شير قانع جي فارسيءَ ۾ لکيل سنڌ جي تاريخ آهي، جنهن جو سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد ڪيو ۽ ان جا تعليقات ۽ حواشيا ڊاڪٽر بلوچ صاحب خود لکيا آهن.

هي ڪتاب 1957ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو، جيڪو تحفة الڪرام جي ٽئين جلد جو ترجمو آهي، جنهن جو تعلق خاص سنڌ سان آهي. پهرين ٻن جلدن جي عنوانن جو خلاصو، مترجم پنهنجي ديباچي ۾ ڏنو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان پڙهندڙن کي سڄي ڪتاب 'تحفة الڪرام' جي سٽاءَ سمجهه ۾ اچي ويندي. ترجمي جي سڄي مواد کي سهولت خاطر ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون ڀاڱو سنڌ جي تاريخ سان واسطو رکي ٿو، جيڪو ٻارهن طبقن ۾ ورهايل آهي ۽ هر طبقي کي مستقل باب جي صورت ۾ بيهاريو ويو آهي، جن ۾ راءِ گهراڻو، عباسي ڪلهوڙا خاندان جي حڪومت، جنهن دور ۾ قانع خود زنده هو ۽ مصنف جي سوانح شامل آهي، جيڪا پير حسام الدين راشدي واري ساڳئي 'مڪلي نامي' وارِي بيان ڪئي وئي آهي.

ان کان پوءِ سنڌ جي مشهور شهرن ۽ اتي جي شخصيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان لحاظ کان ان مواد کي ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو قرار ڏنو ويو آهي، جنهن جي شروعات ۾ سنڌ جي اترين سرحدن کان اول اول ملتان ۽ اتي جي بزرگن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، يعني اترين سرحدن کان شروعات ڪري پوءِ درجي به درجي هيٺ ڏکڻ طرف وارن شهرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. البت هيٺ هلي مصنف کان اها جغرافيائي ترتيب ڪن جاين تي فوت ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري مصنف انهن مشهور ماڳن ۽ شخصيتن جو بيان محض شهرن يا پرڳڻن جي نالن هيٺ ڪيو آهي. (5)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

حقيقت ۾ مير علي شير 'قانع' ٺٽوي, تحفة الڪرام لکي, سنڌ ۽ سنڌين تي وڏو احسان ڪيو آهي, پر ترجمي نگار ۽ ايڊيٽنگ ڪندڙ بہ ساڳي داد جي لائق آهن, جن هيڏو ضخيم ڪتاب سنڌيءَ ۾ آڻي, موجوده دور جي پڙهندڙن جي پڙهڻ لائق بڻايو.

هن ڪتاب جو ترجمو ۽ ڪيل محنت ٻين ڪتابن جي ڀيٽ ۾ مختلف آهي. هن ڪتاب ترجمي ۽ سنوار وقت ڊاڪٽر بلوچ ۽ مخدوم امير احمد 'چچنامي'، 'تاريخ معصومي'، 'بيگلارنامي'، 'فتوح البلدان'، 'بلاذري' ۽ ٻين تاريخي ڪتابن سان ڀيٽ ڪئي, جتي جتي ڪو اختلاف نظر آيو آهي, انهيءَ جو ذڪر حاشيي تي, حوالي سان ڪڏ ڪيو.

سنڌ جي بزرگن جون, جيڪي ڪجهہ وڏيڪ حالتون ۽ واقعا معلوم ٿي سگهيا آهن, تن کي حاشيي تي ڏنو ويو آهي, جنهن ڪري ڪتاب جي افاديت ۾ گهڻو واڌارو ٿيو آهي. ان کان سواءِ هن مسودي ۾ تمام گهڻو غلطيون پڻ هيون, جن کي ڊاڪٽر بلوچ ۽ مخدوم امير احمد وڏي جهد سان, اصل نسخو هٿ ڪري ڀيٽي درست بڻايو آهي. جيڪڏهن هي ڪتاب سهيڙي ۽ پوءِ ترجمو نہ ڪيو وڃي ها تہ اڄ سنڌ جي تاريخ جو ڪافي حصو ضايع ٿي ويل هجي ها. هن ڪتاب ۾ نہ فقط سنڌ جي بادشاهن جي تاريخ ڏنل آهي, پر سنڌ جي ان وقت جي ڳوٺن ۽ شهرن بلڪ سنڌ جي جهنگن ۽ جبلن ۾ جيڪي درويش, مجذوب, صوفي, شاعر ۽ عالم وغيره رهندا هئا, تن جو بہ ٿورو گهڻو احوال ڏنل آهي.

## لب تاريخ سنڌ:

هي ڪتاب, فارسي ڪتاب 'لب تاريخ سنڌ' جو سنڌي ترجمو آهي, جنهن جو متن سنڌي ادبي بورڊ 1959ع ۾ پنهنجي ڏهن سالن واري پروگرام (1951ع کان 1960ع تائين) موجب ڇاپيو هو.

'لب تاريخ سنڌ' جو اصل فارسي متن خان بهادر خداداد خان (ولد محمد راضو خان يا رضا محمد خان پٺاڻ) پراڻي سکر واري ان وقت جي انگريز ڪمشنر ايچ. اي. ايم. جيمس (H.A.M. James) جي ترغيب تي لکيو هو ۽ ان کي 1900ع ۾ لکي مڪمل





ڪيائين.

هن ڪتاب ۾ مصنف سنڌ جي گذريل تاريخي دورن سان گڏ پنهنجي همعصر دور, خاص ڪري انگريز ڪمشنرن جي حڪمرانيءَ واري دور جو چٽو احوال درج ڪيو آهي. متن جو سنڌي ترجمو حافظ محمد اوحدي, جڏهن تہ تصحيح ڊاڪٽر بلوچ ڪئي آهي, گڏوگڏ ڪتاب تي انگريزيءَ ۾ تفصيلي مقدمو پڻ ڊاڪٽر بلوچ پاڻ لکيو آهي. ان کان سواءِ ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ضروري فهرستون بہ شامل ڪيون ويون آهن. (6)

## تاريخ طاهري (تاريخ بلده ٺٽہ):

تاريخ بلده ٺٽہ 'تاريخ طاهري' سورهين ۽ سترهين صديءَ جي حالتن بابت لکيل ڪتاب آهي, جنهن جو پهريون فارسي متن 'طاهر محمد نسياني ولد سيد حسن ٺٽوي' 1030 هجريءَ ۾ لکي مڪمل ڪيو ۽ مصنف جي نالي جي نسبت سان 'تاريخ طاهري' طور مشهور ٿيو.

مصنف هن متن ۾ سومرن جي دؤر کان وٺي ترخانن جي دؤر جي تاريخ قلمبند ڪئي, ان لحاظ کان هي ڪتاب پنهنجي دؤر جو هڪ وڏو ماخذ آهي. مصنف جيئن تہ پنهنجي والد جي رٽائر ٿيڻ ۽ پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ مرزا غازي بيگ جي نوڪريءَ ۾ شامل هو, تنهن ڪري هن مرزا غازي بيگ جي حڪومت جي دؤر جا اهم واقعا تفصيل طور لکيا آهن ۽ اهو پڻ ٻڌايو آهي تہ ڪيئن سندس درٻار مشهور شاعرن: ملا راشدي ۽ ملا مرشد برجردي جو اڏو ٿي پئي. ان کان سواءِ ابوالقاسم سلطان جي بغاوت جا تفصيل پڻ ڏهرايا آهن. ان وقت هو 23 سالن جي عمر جو هو. 'تاريخ طاهري' ان ڪري گهڻو نمايان آهي, جو ان ۾ تاريخي واقعن کي قصہ خوانيءَ جي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. نتيجي ۾ پڙهندڙن ۾ تجسس ۽ دلچسپي پيدا ٿئي ٿي. (7)

چچنامي, تاريخ معصومي ۽ بيگلار نامي کان پوءِ تاريخ طاهري سنڌ جي تاريخن ۾ چوٿون نمبر حيثيت رکي ٿي. هن ڪتاب جا سڀ کان اڳ انگريزيءَ ۾ اقتباس اليٽ اينڊ ڊائوسن پنهنجي ڪتاب 'History of India' ۾ ڏنا هئا, جنهن کان پوءِ محمد صديق ميمڻ 1928ع ۾ 'تاريخ طاهري' جي نالي سان ماخذ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڇپرايو.

هي تاريخ جو ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، حاشين، وضاحتن ۽ مقدمي سان 1964ع ۾ تدوين ۽ ترتيب ڏيئي شايع ڪرايو. هن تاريخ جي ڪتاب جي خاص ڳالهه اِها آهي ته، ڊاڪٽر بلوچ انگريزي ۾ 29 صفحن تي مشتمل هڪ طويل مقدمو لِکي ڪتاب جي افاديت ۽ اهميت ۾ اضافو ڪيو آهي، جنهن ۾ مصنف جو تعارف وغيره شامل آهي.

هن فارسي تاريخ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ناميارِي عالم ۽ شاعر نياز همايونيءَ ڪيو آهي، جيڪو 1988ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرايو.

### بيگلار نامہ:

هي ڪتاب ادارڪي بيگلار جو لکيل آهي، جيڪو امير قاسم بيگلار (پٽ امير سيد قاسم بيگلار) جي احوال تي مشتمل آهي. هي ڪتاب تاريخي لحاظ کان ايڏو وڏو اهم ناهي سمجهيو ويو. هن ڪتاب ۾ فقط ترخان حڪمرانن جي تاريخ ۽ سنڌ جي مختصر تاريخ محفوظ ڪيل آهي.

هي ڪتاب 1017ھ ۽ 1034ھ جي وچ ڌاري تصنيف ڪيو ويو. هي ڪتاب 32 بابن ۽ 17 صفحن جي پيش لفظ تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ارغون، ترخان حڪمرانن ۽ اميرن جي زندگيءَ کان سواءِ سنڌ جي ماڻهن جي ثقافتي ۽ سماجي زندگيءَ بابت پڻ ڄاڻ ڏنل آهي. هن جا اصل مسودا، پئرس (فرانس) هندستان ۽ لنڊن جي لائبريرين ۾ رکيل هئا، جڏهن ته هڪ ڪاپي ٺٽي جي محمد خان جي ٽالپرن جي رائل لائبريري ۾ موجود هئي، جيڪا ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هٿ ڪري، هن ڪتاب جا ٽئي قلمي نسخا ڀيٽي، قلمي متن تيار ڪيو، پر وڏي محنت سان ايڊٽ ڪري، ان تي ڪنهن مفصل مقدمي بجاءِ مختصر نوٽ انگريزي زبان ۾ لکي ڇپايو. ان کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب طرفان ڪجهه تاريخي مقبرن ۽ قبرن جا فوٽوگراف پڻ ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا.

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ 1980ع ۾ شايع ڪيو. ان کان اڳ 1947ع ڌاري بيگلار نامي جو سنڌي ترجمو، خان بهادر محمد صديق ميمڻ، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي پاران شايع ڪرايو هو، جنهن جو تازو ڇاپو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ڀيهر





شايع ڪيو آهي. (8)

### تاريخ بلوچي:

تاريخ سنڌ جو اهم ماخذ فارسيءَ ۾ عبدالمجيد جوکيي جو لکيل آهي. مصنف مير ڪرم علي خان جو درباري هو. هي ڪتاب 1803ع ۾ لکجي تيار ٿيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، اصل فارسي متن ترتيب ڏئي ۽ معلوماتي مقدمو لکيو. هن ڪم ۾ ڊاڪٽر خضر نوشاهي صاحب، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي معاونت ڪئي. فارسي متن کان پوءِ نوشاهي صاحب جو اردو ترجمو پڻ شامل ڪري، سال 1996ع ۾ شايع ڪيو ويو. سنڌ جي تاريخ ۽ فارسي ادب جي حوالي سان، هن ڪتاب جي اشاعت ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هڪ وڏيڪ پائدار خدمت آهي.

هن ڪتاب ۾ ڪلهوڙا حڪمرانن جي تفصيل کان سواءِ سنڌن ٽالپرن سان جنگيون، هالاڻيءَ واري جنگ، ڪلهوڙن جي دور جي اختتام کان نون ٽالپر حڪمرانن جو تفصيلي احوال ڏنل آهي. (9)

هي ڪتاب ڪلهوڙا ۽ ٽالپر حڪمرانن جي تاريخ بابت اهم ڪتاب سمجهيو وڃي ٿو. هي سنڌ جي تاريخ جو اهم ماخذ آهي، جيڪو ڊاڪٽر بلوچ اردوءَ جي مشهور عالم ڊاڪٽر خضر نوشاهيءَ کان ترجمو ڪرائي (جنهن اردو زبان ۾ پڻ ترجمو ڪيو هو)، اصل فارسي متن سميت 1996ع ۾ ’ڪلهوڙا سيمينار‘ ڪراچيءَ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

اصل ۾ هي ڪتاب گم ٿي ويو هو، جيڪو بعد ۾ قيامِ پاڪستان دوران ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي اصل نسخو هٿ آيو هو. هن تاريخي ماخذ جو اصل واحد گم ٿيل نسخو، جيڪڏهن ڊاڪٽر بلوچ کي هٿ نه اچي ها ته شايد هي تاريخ هميشه هميشه جي لاءِ ميسار جي وڃي ها.

### باقيات از احوال ڪلهوڙا:

هي ڪتاب باقاعدي ڪا تصنيف نه آهي، پر ڊاڪٽر بلوچ پنج ڇهه سال ڳولاءِ کوجنا ڪري مختلف پراڻن خاندانن جي لائبريرين مان مواد حاصل ڪري، ڪتابي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شڪل ۾ تشڪيل ڏنو.

هن ڪتاب ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي جي حڪومتي دور ۾ مير محمد ڪلهوڙي جا ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سان لاڳاپن ڪان علاوه سنڌ جي جدا جدا ضلعن ۽ پرڳڻن جي پيداوار، آمدنيءَ جا انگ اکر، قيمتي دستاويز وغيره شامل آهن، جيڪي اڳ آيل ڪتابن ۾ موجود نه هئا. هي ڪتاب پڻ ڊاڪٽر بلوچ 1996ع ۾ ’ڪلهوڙا سيمينار‘ جي موقعي تي شايع ڪرائي پڌرو ڪيو. (10)

**Sindh Studies (Historical):**

هي ڪتاب، ڊاڪٽر بلوچ جي سنڌ جي تاريخ بابت، انگريزيءَ ۾ اهم 19 مقالن تي مبني آهي، جيڪو هڪ منفرد نوعيت جو ڪتاب آهي. هن ۾ هيٺيان مقالا شامل آهن:

1. The Historical Perspective
2. Sindh Era
3. Fatehnama Sindh
4. The Most Probable Site of Debel: The Famous Historical Part of Sindh
5. The Probable Date of First Arab Expedition to India
6. Sindh Eclipse of the Soomras
7. The Burial Place of Sultan Muhammad Tughluq
8. Chronology of the Sama Rulers
9. Origin of Thatta
10. The Tarikh Tabqati Bahadur Shahi
11. The Tarikh Tahiri
12. The Beglar Graveyard
13. A Farman of Ab-al-Baqa ‘Amir Khan’
14. The Last of the Kalhora Rulers of Sindh
15. Abdul Nabi and His Descendants
16. The Foundation of Talpur Power in Sindh
17. The Antiquity of Karachi





18. Lub-e-Tarikh Sindh
19. North West Frontier of Pakistan

**Sindh Studeis – Cultural (Vol. II):**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي انگريزيءَ ۾ لکيل مقالن جو هي ڪتاب 2004ع ۾ پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري پاران ڇپيو، جنهن جا ٻه اکر سنڌ يونيورسٽي جي ان وقت جي وائس چانسلر مظهرالحق صديقي جا لکيل آهن، جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته هي ڪتاب Sindh Studies: Historical جو ٻيو ڀاڱو آهي، جنهن ۾ ڪلچر (تهذيب/ثقافت) جي ويهن مختلف موضوعن تي مواد موجود آهي ۽ هي مقالا مختلف فورمن ۽ ڪانفرنسن ۾ پڙهيا ويا آهن. هنن مقالن ۾ سنڌي تهذيب جي مختلف رخن تي روشني وڌل آهي. ڪتاب ۾ موجود مقالن جا عنوان هيٺينءَ ريت ڏنل آهن:

1. In Search of the Indus Culture Sites
2. Measurement of Space and Time in the Lower Indus Valley of Sindh
3. Irrigation Technology in the Indus Basin Development of the Sindhian Wheel
4. Traditional Art & Craft
5. The Die yielding ‘Kandala’ Tree
6. A Survey of Folklore
7. The Great Music Tradition: Sindhian Melodies and ‘Cante Jando’ of Spain
8. Boats on the Indus and the Coast Line of Sindh
9. Kalmati Tombs in Sindh and Balochistan
10. Sindhi Script, Orthography and Calligraphy
11. The First Transaltion of Holy Quran
12. The First Book on ‘Melody of Education’
13. Saints of Sehwan
14. The Suhrwardi Miyanwal Tariqa: Initial for Mulation and Later Accretions
15. Jami Sahib of Imam Bukhari: Studies of ATRAF by Ulma of Thatta



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

16. Development of Persian Literature
17. Education in Sindh prior to the British occupation
18. Shah Abdul Latif and the Music Institution of 'Shah-Jo-Raag'
19. Maulana Jalaluddin Rumi and Shah Abdul Latif of Bhit
20. The Nay and the Nay Music

ان کان سواءِ ڊاڪٽر بلوچ ڪيترائي ٻيا انگريزيءَ ۾ مضمون ۽ مقالا، سنڌ جي تاريخ تي لکيا، جيڪي مختلف ادارن شايع ڪيا. جن مان ڪجھ مقالن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1. Historical Writings on Pakistan Tradition and progress, paper presented at the Congress of Pakistan History and Culture, organized by The Quaid-e-Azam University, Islamabad, April 1973.
2. The Region of Sindh, Balochistan and Multan: The Historical Social & Economic setting, published in the book 'History of the Civilization of Central Asia' Vol. IV, Multi History Series UNESCO, 1998.
3. Sindh, published in the Latest Edition of Encyclopedia Britannica.
4. Pre-Islamic period of Indian History
5. The Muslim Conquest of Sindh, both articles published in Pakistan Historical Society Karachi Vol. I, 1990.
6. Foundation of Talpur Power in Sindh, published in quarterly journal of the Pakistan Historical Society Vol. 51, 2003.
7. The Kalamti Tombs and Graveyards – I (An Archaeological Survey) Quarterly Journal of Pakistan Historical Society (Historicus) Vol. 58, 2010.

ڊاڪٽر بلوچ جا سنڌيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ تي لکيل ڪي مضمون هيٺ ڏجن ٿا:

1. محمد بن قاسم جي فتح کان اڳ جي حالت، (نئين زندگي، اپريل 1951ع، ص: 119)
2. فتوحات محمد بن قاسم، (نئين زندگي، مئي، 1951ع)
3. حيدرآباد شهر، مهراڻ ا، 1962ع.





4. تذڪره مشائخ سيوستان، مهراڻ ا، 1972ع.
5. 1857ع ۾ سنڌ طرفان آزاديءَ جي جنگ، نئين زندگي، آگسٽ-سيپٽمبر 1981ع
6. پنيور، ديبل جو اصل ماڳ: ديبل ۽ پنيور،(ص نمبر 123 کان 151) پنيور پبليڪيشن ٺٽو 1983ع.

## حوالا:


1. ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر (سهيڙيندڙ) 'ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (شخصيت، فن ۽ فڪر)'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2011ع، ص: 106.
2. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 'ڊاڪٽر بلوچ: هڪ مطالعو'، لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين، 1998ع، ص: 58.
3. قدوسي، اعجازالحق، 'تاريخ سنڌ' (جلد ٽيون)، اردو سائنس بورڊ لاهور، 1983ع، ص:780.
4. ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، 1988ع، ص: 26.
5. ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر (سهيڙيندڙ) 'ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، (شخصيت، فن ۽ فڪر)'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2011ع، ص: 112
6. ساڳيو، ص: 113 ۽ 114
7. جويو، تاج (مرتب) 'ڊاڪٽر بلوچ هڪ مثالي عالم'، ماڻڪ موتي تنظيم، حيدرآباد، 2001ع، ص: 55-60.
8. ساڳيو، ص: 291-295
9. 'فتح نامہ سنڌ عرف چچنامو'، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1994ع، ص: 1-39.
10. امير احمد مخدوم، (مترجم) 'تاريخ معصومي'، ص: 1-10، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1953ع.